Sindhi

1084/9181

विभाग मंत्रालय
DEPARTMENT|MINISTRY

शाखा
BRANCH

मंत्रणा संग्रह
Consulation|Collection

संख्या
No. 16752

दिनांक
Date 7 - 8

विषय
Subject

पूर्व निर्देश
Previous reference

बाद का निर्देश
Later reference

P. No. 15 Naujawan Bhajnawali
Sindhi

# نوجوان ڀڄناولي

ڇپائيندڙ

گيهيمل ٻگومل وسناڻي

آب مفتري نوجوان متر منڊل

حيدرآباد سنڌ.

1625

قيمت ٠-٢-٠


هوتچند نيڻومل پائيبند بجلي پريس حيدرآباد سنڌ ۾
ڇپيو ۽ گيهيمل ٻگومل وسناڻي
ڇپائي پڌرو ڪيو.



IMPERIAL RECORDS DEPARTMENT
RECEIVED
10 NOV. 1930


Naujawan Bhajnawali
Bugu Mal Vasnani

## [٢] پيارو جيرام

طرز سوراج راڄ پنهنجو وٺو ضرور آهي

پني پير پيري پيارو جيرام داس آيو

ڪريون آجيان سڀ تنهنجي ڪرپا ڪري جو آيو

١ اپديش ڪندو اسانکي ڪنهجو شانتي سپيئي

پريو ڪندو سڏائي رهيو آهي اسان جو رايو

٢ ملي پاڻ ۾ سپيئي ٿيون ديس تان سڀ صدقي

پليدان سر ڪري سڀ ڀارت جو شان وڌايو

٣ سڻيون گوليون پياري جيرام اسانجي سردار

وارو هاڻي اسانجو بهادر سنڌي سڏايو

٤ گانڌي اسانجو سرتاج اڄ آهي جيل اندر

جوانو ڪري تياري آزاد تنهن ڪرايو

## (٣) انقلاب زنده باد

طرز - تهمت تماري عشق ڪي

سکر سمهڻ تو نوڪرشاهي نه ڏيندا سين

باند ڪرين اگوان سڀ ڪون هٿندا سين

١ تارون تب ڦون پريسون ڪرين تون بند

مارشل لا جاري رکين نه ڪون هٽندا سين

٢ تنهنجي آهه بهادري ظلم ڪرڻ ۾
لنيون لوڙهيون توبون هٿين ڪين پڇنداسين

٣ پار پڇي وات ۾ آهي انقلاب
انقلاب زنده باد توکي ڪيد نداسين

٤ ڪيو واسو لهر اڄ گهر گهر ۾
سچا سپ سد يشي ٿي توسان پڇنداسين

٥ جيسين ٿئي آزاد اسانجو پيارو هندستان
تيسين جنگ اهنسا جي ١١ جاري رکنداسين

## (٤) قومي جهنڊو بلند

اڄو شير جوانو وڳو جنگ ترانو

١ـ قومي جهنڊو ڦرڪي ڦرڦر دشمن ڇاتي ٿرڪي ٿرٿر
آيو سوپ زمانو ٠ اڄو شير جوانو.

٢ـ هيڏهان هوڏانهن فوجون نڪرن گڏجي پاڻ ۾ گڏ گڏ مرڪن
جهولائن نشانو اڄو شير جوانو

٣ـ گانڌيءَ رهبرڪئي چڙهائي جوڌن ۾ ٿي سرس سرهائي
ملڪ بڻيو مستانو اڄو شير جوانو.

٤ـ کاڌيءَ جو سپ پهري جامون هاو نرپير گولن ۾
ڪيڏي غير گمانو اڄو شير جوانو

٥- ديش جي هيءَ آهي لڙائي تنهنجي ٽٽي اوس صفائي.
سوچو هي فرمانو اڄو شير جوانو.
٦- انقلاب جي ورتي ڏاري ستياگره جي وات سنڀاري
ڪريو جنگ جوانو اڄو شير جوانو.

## (٥) مئدان ۾ ڏيو ٽپو

اڄو پيارا ڀائرو اڄو مئدان ۾ ڏيو ٽپو
١ ستياگره ۾ جوئي گهري سورهه ٿي سوئي مري
ڀارت جو هرڪ ٻچو مئدان ۾ ڏئي ٽپو ۔
٢ ڏنڊا ڏوريون ڦٽا ڪريو اجان توهين ڇا ٽا ڪريو
واپاري ڀائرو سڀئي اڄو مئدان ۾ ڏيو ٽپو
٣ اسڪولن کي ڪريو ترڪ اندر ۾ جي اٿو ترق
ڪاليجي ڀائر سڀئي اڄو مئدان ۾ ڏيو ٽپو
٤ گانڌيءَ ڪيو آزادي عِلان ڪڍو سڀ غير گمان
مومن پيارا سڀئي اڄو مئدان ۾ ڏيو ٽپو
٥ شروع ٿيو آهي دٻاءُ نوجوانن کي ناهي پرواهه
بي. اي. ايم. اي. سڀئي اڄو مئدان ۾ ڏيو ٽپو .
٦ ٻچڙن جي ڪند و سنڀار - پئدا جنهن ڪيو سنسار
جج و ڪيل سڀئي اڄو مئدان ۾ ڏيو ٽپو

## (٦) هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

سر جو سانگو لاهي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي
ظلمي راڄ کي ڊاهي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

١ ستيا گرھ ۾ نالو لکايو مهاتما جي جئي مڃايو
قومي جهنڊو جهلائي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

٢ انقلابي هڻي نعرا گانڌي پيا ويا جيل پيارا
رستو اهيو ٻڌائي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

٣ غلاميءَ جا ڪپڙا لاهيو ست ڪروڙ پنهنجا بچايو
کاڌي ڪپڙو پائي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

٤ ست ڪروڙ پيا بر بچايو پنهنجي گهر ۾ لوڻ بڻايو
ملڪيت پنهنجي بچائي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

٥ شراب خراب هٿ نه لايو دېس کي جنهن ڪنگال بڻايو
پڪيٽنگ تنهن تي لڳائي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

٦ هندو مسلم سک عيسائي ديس جي ڪاتر لڙي لڙائي
آزاديءَ کي چاهي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

٧ آخر هڪ ڏينهن مرڻو آهي پورڪرڻ جو ضرور ناهي
سوريءَ سر چڙهائي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

## (٧) هند جو سرتاج

ڀارت ڪا سردار همارا ،، ايڪ لنگوٽي والا هئي
گيان ڌيان اور ڀڳتي سي ،، ڀي اهنسڪ يڌ نڪالا هئي
١ اقبال جسيني برتش ڪو ،، اب شڪتي سي حيران ڪيا
سرتاجون ڪا تاج همارا ،، ايڪ لنگوٽي والا هئي
٢ يورپ سي جو سورت ۾ ،، بيپاري بنڪر آئي تي
انهون ڪو رنگ دکاني والا ،، ايڪ لنگوٽي والا هئي
٣ جو رودڻ يشي وسترڪو ،، اب کادي سي ايياس ڪرو
چرخي اور کادي ڪا پيارا ،، ايڪ لنگوٽي والا هئي
٤ وير ڀڳتسنگ دت داس ڀي ،، هند ستان ڪي لعلين هئين
انهين سڀون ڪي نئنون ڪاتارا ،، ايڪ لنگوٽي والا هئي

## (٨) سدا جهنڊا جهو ليند و رهہ

اسانجي ديش ڀارت تي سدا جهنڊا جهو ليند و رهہ
١ اتر ۾ تون هماليہ تي دکن ۾ تون سوني لنڪا تي
پورب پشچم تو ري وچ تي سدا جهنڊا جهو ليند و رهہ
٢ اچو سائو تيون ڳاڙهو جهند و ڀارت جو بنايو
دلين کي آهي جا ڳايو سدا جهنڊا جهو ليند و رهہ
٣ سدا ڦرڪين اوچي آسمان رکين ڀارت سند و سومان

• گهوري تولاءِ جند هيءَ جان   سدا جهندا جهوليند ورهه

## (٩) هند کا شان

طرز- تهمت تمهاري عشق کي

گاندي تون آج هند کا   اک شان بن گيا
هندو مش ذات کا   ايمان بن گيا
١ تيري نصيحت ۾   جادو کا اثر هي
جس کو لگي هوا تيري   انسان بن گيا
٢ تون دوست هي هر قوم کا   هر دل عزيز هيءَ
دشمن ڀي بي زبان هو   حيران بن گيا
٣ ڏکار هيءَ "ماذم" همين   تيتيس کروڙ کا
تجهه سا فقير جيل کا   مهمان بن گيا

## (١٠) ڀارت سپوت گاندي

ڀارت سپوت گاندي   دکري اُٺاني والي
١ ڀڳوان ڀيجا تمکو   آزاد کرني هند کو
مٽادي نوکرشاهي کو   سوراج بناني والي
٢ کپڙا رها نه تن پر   کاني کو کڇ نهين هيءَ
کيون گداگيري کري هو   شاهون کي نام والي
٣ سندر ڀون کهان هيءَ   رتنو سي جو جڙي ٿي

اُنکا پتا نہين هيءَ پياري گمان والي

۴ ڪب تڪ پئينگي پيالي ڀارت ڪي رهني والي

ڪس نند سو رهي هو ڀارت ڪي رهني والي

## (۱۱) ڪريون آزاد ڀارت ڪي

ڪري تن من سارو قربان ڪريون آزاد ڀارت ڪي

گهوري پهنڊجي جند هيءَ جان " " " "

۱ پائي ڪفني بني جوڳي قرون ديوانا تي در در

اُٺائي سور جو سامان ڪريون آزاد ڀارت ڪي

۲ غريبن ۽ اناٿن جي اکين مان آب آهي جاري

ڳلن ڳوڙها اُگهي تن جا ڪريون آزاد ڀارت ڪي

۳ ناهي پرواهه گولن جي نه جيلن جي زنجيرن جي

چڙهي سوريءَ جي تختي تي ڪريون آزاد ڀارت ڪي

## (۱۲) گانڌي جي ڪهتي هئي

طرز - ڀلا غرور نه ڪر خاڪ ۾ ملاڪي مجهي

سنو اي هندواسي گانڌي جي ڪهتي رهي هئين

تمهين سب ڪاڏي پهنو سوراج ليني ڪي ليئي

نمڪ ڪولوٽ ڪرو ڌارلسن چڙهائي ڪرو

اهنسا ڌارن ڪرو سوراج ليني ڪي ليئي

٢ چلاوو چرخا تمهين هر ايڪ گهر ۾
تڪلي سي پريم ڪرو سوراج ليني ڪي ليئي

٣ همين تو ڊر نهين هئي لاٺي اور ڦاسي ڪا
همين منظور هئي سب سوراج ليني ڪي ليئي

٤ ملڪ ڪي آبرو پر هم فدا هو جائينگي
مرينگي هندواسي سوراج ليني ڪي ليئي

٥ هر ايڪ بچي ڪي زبان پر هي۽ انقلاب زنده باد
برباد نوڪرشاهي سوراج ليني ڪي ليئي

## (١٣) نا هٽجو هندي جوان

نا هٽجو نا هٽجو اي جوان هندي نا هٽجو

١ ٽڪرا ٽڪرا جان پلي ڪن گانڌي۽ جو فرمان هندي ناهٽجو
٢ نيٺ ته مرڻو آهي عزيزو پوء ڇا جو ارمان هندي ناهٽجو
٣ ڪڏهن ڪندا هي۽ ڀارت پيارو آزادي استان هندي ناهٽجو
٤ جنگ شروع آهه ستياگرهه جي ماري بنا مئدان هندي ناهٽجو
٥ جنگ ۾ جوان تير تراريون ڪين ڪپن ڪربان هندي ناهٽجو
٦ آهي اهنسا تيغ اوهان لاء صبر سند و سامان هندي ناهٽجو
٧ اچي پائر مرڪي ٿيندا قوم مٿان قربان هندي ناهٽجو

## ١٤ ڪان ڪپي سرڪار

ڪان ڪپي ڪان ڪپي    سرڪار ڏاري ڪان ڪپي

١ نوڪرشاهي آهي جا ظالم    شهيد ٿيا ڪئين هندو مسلم
تري ڪيو سمنڊ پار    ڏاري ڪان ڪپي

٢ شير پڪڙيا ڪيئن هزارين    جيل ڀريائون اهنسا ڌاري
ڀل ڏين پيا مار    ڏاري ڪان ڪپي

٣ ڏٻاءُ ڪري ٿي هيسڻ چاهي    هلچل بند ٿيڻ جي ناهي
مهاتما ٿيو گرفتار    ظالم ڪان ڪپي

٤ ملڪ پنهنجو ونڊو آهي    قائد وڏي جو مڃڻو ناهي
گڏجي ڪريو گنجڪار    ڏاري ڪان ڪپي

٥ جهنڊو آهي قائم پنهنجو    پوليس ملٽري سپيئي ماڻجو
ڇڏي ظالم سرڪار    ڏاري ڪان ڪپي

٦ اٿو جاڳو ڪريو نه دير    وڪڙ وڏايو اڳتي شير
ننڍي وڏي ٿيو تيار    ظالم ڪان ڪپي

٧ جنگ لڳي آهي ڏاڍي ڀاري    ڀرتي ڪريو روز ڏهاري
نڪري ٿيو نروار    ڏاري ڪان ڪپي

٨ راڄ ڏارين جو اوس ويندو    هر ڪو سوراڄ سچو ماڻيندو
گانڌيءَ جي جئڪار    ظالم ڪان ڪپي

## (١٥) هلو نا ناڻي

هلو جوانو جيل ڏانهن سڀ
لوڙ ته ٿيو سڀ هاڻي هلو نا ناڻي

١ خد مطلب جا قائدا ظالم ته ٿيا نوڪرشاهي ظالم
مڃيو نه هرگز هاڻي هلو نا ناڻي

٢ جاءِ رهي ڪا جيل ۾ ناهي هوش سنڀاليو وڌس اُڏائي
ظالمي قائدا توري هلو نا ناڻي

٣ هندو مسلم پاڻ ۾ لڙائي ڏن اسانجو وينئي اڏائي
تياڪر ڪيڏو اڏائي هلو نا ناڻي

٤ ڊچڻا گيدي پائن وديشي غلام پائين ڊريس وديشي
ڪپڙا غلامي ساري هلو نا ناڻي

٥ کاڌي پائين سچا هندي سوديشي ٿيو سچا هندي
ڇڏيو غلامي هاڻي هلو نا ناڻي

٦ مالڪ سچا آهيون اسين نوڪرشاهي ڊاهيون اسين
نوڪرشاهي مڃهائي هلو نا ناڻي

## (١٦) عزت رهندي نا

عزت رهندي نا مرڻ بنا ڪجهه بندا ناڪرڻ بنا نئوجوانو هو تيار
انقلابي نعري مار ... ... ... ...

١ حقان ٻچيڪان ڏاديو ڀاوين شوتان ڪرن هزاران
عزت رهندي نا ... ... ... ...
٢ ظالما نو پسو ڀاديو ڀائيو هس هس ڦاسي چڙهڪي
عزت رهندي نا ... ... ... ...
٣ جگر وچ ڊومان ڀاديو اسان هرڳ غلام نهين رهڻا
عزت رهندي نا ... ... ... ...
٤ قومي پروانيا ني ديکو سر پر ڪفن بني
عزت رهندي نا ... ... ... ...

## (١٧) وديشي ڪپڙو جلايو

طرز- سر جو سانگو لاهي

ديسي ڪپڙو پايو سڀ ولائتي ڪپڙو جلايو
اهو ڀُوت بدن تان لاهيو سڀ ولائتي ڪپرو جلايو
١ سوديشيءَ کي زور وتايو پنهنجي ڪپهه مان سٽ بڻايو
تنهنجو ڪپڙو پايو سڀ ولائتي ڪپرو جلايو
٢ بکہ ڀارت جي تڏه لهندي گهر گهر ۾ جڏه ڪاڏي پوندي
گانديءَ رستو ٻڌايو سڀ ولائتي ڪپڙو جلايو
٣ سچا هندستاني آهيو پوتر ڪپڙو ڪاڏي پايو
مهاتما جيل چڏايو سڀ ولائتي ڪپڙو جلايو

۴. جوي ماتا پارت پياري بکر مرن تا پچا ڏهاري
تن کي قوت رسايو سب ولائتي کپڙو جلايو
۵ ديس جي کاتر کريو قرباني صرف وينتي اها نماڻي
گانڌي جي مڃايو سب ولائتي کپڙو جلايو

## (۱۸) سلطنت کو مٽانا پريگا

ابسي سلطنت کو مٽانا پريگا
جو کهتي تي کرکي دکانا پريگا
۱ همين خون اپنا بهانا پريگا
وطن کي لئي سر کٽانا پريگا
۲ مليگي کهين بعد ۾ کاميابي
غم رنج پهلي اٿانا پريگا
۳ زياده نه کر سختيان مجهه پي ظالم
خدا کو تجهي منهن دکانا پريگا
۴ کهين جلد آزاد هو هند والي
کهان تک تمهين غم اٿانا پريگا
۵ اسي هند کي خاک سي هم اٿي هئين
اسي خاک ۾ همکو جانا پريگا
۶ فلک کي جفائون سي تنگ آ گيا هون

اب اسڪو زمين پئي گرانا پڙيگا
٧ اسي هند کي خاڪ سي هم اُٺي هئن
اسي خاڪ ۾ همڪو جانا پڙيگا

## (١٩) ستياگره جي پوترتا

طرز- ميري مولا بلالي مدينه مجهي

اڄو ملي ڀارت جو اڌار ڪيون
ملي هندو مومن ڀيرو پار ڪريون

١ ديس جي اڄ درد جو - آواز ٿيو اي نوجوان
ملڪ تان توڙيو زنجيرون - همت سان ۽ پڻ ايمان
ملي تن من سان قربانيون ڪريون

٢ ڀارت ٻچا ٻک ۾ مرن ٿيا - ڌاريا ڪرن عيش وشڪار
انگ تي ڪپڙو نه جنهجي - تنهجي سٺي نان ڪو پڪار
ملي تنهنجي دکن جو اڌار ڪريون

٣ ديش جي هن پاڪ يڌ ۾ - پتنگ جيئن ٿيون خاڪ سڀ
آزادگي جا عاشق او هين - مشتاق ٿي ٿيو مست سڀ
اٿي مدد گانڌي سردار ڪريون

٤ لکن جي تعداد ۾ اڄ - لشڪر ۾ ڀرتي ٿيو جوان
ستياگره جي پاڪ يڌ ۾ - پاؤ ڪڍ هن رکي ايمان

پوءِ پائي فتح جيءِ ڪار ڪريون

## ڀارت نہ رهيگا غلام خانا (٢٠)

طرز هر بت ۾ تيرا جلوا مجهي يا رب نظر آتا هئہ
ڀارت نہ رهہ سگهي گا هرگز غلام خانہ
آزاد هونگا هونگا آتا هئہ وهہ زمانہ
خون کولني لگا هئہ - هندستانيون ڪا
کر ديگي ظالمون ڪا هم بند ظلم خانا ٠
قومي ترنگي جهنڊي پر جان نثار اپني
هندو و مسلم گاتي هئہ يہ ترانہ
پرواهہ اب نهين - بيشڪ ظلم تون ڪردو
اي کيل هورها هئہ ڦاسي ڪو پول جانا
ڀارت وطن همارا - ڀارت ڪي هئہ هم بچي
ماتا ڪي واسطي هين منظور سر ڪٽانا

## (٢١) جهنڊا اونچا رهي همارا

وجئي وشو ترنگا پيارا جهنڊا اونچا رهي همارا
١ سدا شڪتي برساني والا پريم سدا سرساني والا
ويرون ڪو هرشاني والا ماتر ڀومي ڪا تن من سارا... جهنڊا
٢ سو تنترتا ڪي ڀيشڻ رڻ ۾ لکڪر بڊهي جوش کڻ کڻ ۾

کانپے شترو دیکھ کر من مٹ جاوے بھیہ سنکٹ سارا ... جھنڈا
۳ اس جھنڈے کے نیچے نربھیہ لین سوراج ہم اوچل نشچیہ
بولو بھارت ماتا کی جیء سوتنترتا ہی دھیئہ ہمارا ... جھنڈا
۴ آئو پیاری ویرو آئو دیش دھرم پر بل بل جائو
ایک سات سب ملکر گائو پیارا بھارت دیش ہمارا ... جھنڈا
۵ اسکی شان نہ جانی پائی چاہی جان بھلی ہی جاوی
وشو وجیہ کرکی دکھلاوی تب ہووی پرن پورن ہمارا... جھنڈا

## (۲۲) ہمارا وطن

ہمیں جان دل سی پیارا وطن ہیء
اُنوکا نرالا ہمارا وطن ہی
۱ کرو پہلی آزاد اپنی وطن کو
غلامی سیں جکڑا ہمارا وطن ہیء
۲ نہ انگلنڈ سیں مطلب نہ سلطنت سیں مطلب
ہماری لیئی بس ہمارا وطن ہیء
۳ گولی سیں مارو یا توبیں چلائو
ہم مرتی بہی کہینگی ہمارا وطن ہیء
۴ جیلوں مہ ڈالو یا زنجیر پہنائو
قبر بہی کہینگی ہمارا وطن ہیء

۵ هندو مسلم ملکی کڑی ہو
ہٹینگی نہ پیچھی ہمارا وطن هی

۶ کاڑی کو پھنو و دیشی جلائو
فائدا هو وطن کو ہمارا وطن هیٔ

۷ غریبوں کی ہائی تون لئی ستمگر
انصاف اُسکا ہوگا ہمارا وطن هیٔ

۸ سبھی جاگو هندی بچائو وطن کو
اي رنگو رنگیلا ہمارا وطن هی

۹ داروں بیٹھی کو کبھی مت جائو
گیا ہاتوں سین ہمارا وطن هیٔ

۱۰ دوٗ پیکی مست بن جائو
آزادی لئینگی ہمارا وطن هیٔ

۱۱ گولی چلادی اور ستم ہچالی
ہٹاوینگی تجھ کو ہمارا وطن هیٔ

۱۲ مصیبت ہی آفت ہی، ظلموں ستم ہی
اسکی لیئی سب گورا وطن هیٔ

۱۳ ہمین ہو یہ تمنا جنت سین کیونکر
یہی جنت سین بڑہ کر ہمارا وطن هیٔ

## [٢٣] شراب جا شوقين ٻڌي مرو

ٻڌي مرو ٻڌي مرو شراب جا شوقين هاڻي ٻڌي مرو

١- پت پنهنجي ٿا هٿين وڃايو
پڙدا اکين تان ڪين هٽايو
ٿيو گهٽين ۾ خوار ...... هاڻي

٢- نشن تشن ۾ ويا آهيون اٽڪي
ڪريل سڏجو پيا آهيو ڪٽڪي
ڏوريا ٻون ڏڪار .... هاڻي

٣- ملڪ مري ۽ ڪنڊ ڪپائي
شرابي شيطان شور مچائي
ٻارن ۾ ٻاڪار ... هاڻي

٤- سمجهو سياڻا ساجهر ڏاريو
ٻونگر پنهن جا جو ٿا ڪاريو
ڪني جڏيو اها ڪار ... هاڻي

٥- زر خرچي اوهين زيان ڪريو ٿا
ڪٽنب سڄي بي مان ڪريو ٿا
مجو هاسل جو گيان ... هاڻي ٻڌي مرو

## (٢٤) هماری خون کا دن

طرز- سوراج راڄ پنهنجو ونڏو ضرور آهي

دن خون کا ہمارے پانیو نہ پول جانا
خوشیوں مے اپنی ہم پر آنسوں بہاتے جانا

۱ صیاد ہمارے چن چن کے پھول توڑے
ویران اس چمن کو کوئی گل کلاتے جانا

۲ گولی کو کاکے سوئے جلیان کے باغ مے ہم
سوئے پڑے قبر پر دیا جلاتے جانا

۳ ہندو اور مسلم کے ہوتے ہے آج ہولی
بہتے ہمارے رنگ مے دامن بھگوتے جانا

## (۲۵) ہند کا سردار

طرز- خدا خدا نہ کیا ہونے رام رام کیا

سردار ہند کا ہئے آنکوں کا تارا گاندی

۱ نرگس ہئے مالوی گلاب ہئے جنوہار لعل
گلشن ہند کا ہئے پھول ہزارا گاندی

۲ ملک کے بہتری کے لیئے در در پھر کر
جیل ہیں اختیار کیا سردار ہمارا گاندی

۳ بھارت کے بچے بچے کا سر گاندی کے قدموں پے گرجاتا ہئے
کہ میں ہوں گاندی کے طرفدار سرکار ہمارا گاندی

## (۲۶) گاندی ہمارا پیارا

طرز- موتی بنا نہیں سوتے ہوں

گاندي همارا پيارا دل اسکي خيال ۾

١ گاندي هئي شان ميرا گاندي ني دل کو گهيرا

گاندي ميرا گذارا هئي دل اسکي خيال ۾

٢ ظالم ني حکم نکالا گاندي کو جيل ۾ ڈالا

گاندي هئي هندي ستارا دل اسکي خيال ۾

٣ هندي دعا سڀ مانگو پاوي فتح پيارا گاندي

محبت جسکي مارا هئي دل اسکي خيال ۾

## (٢٧) سگريٽ بهشڪار

طرز- رگهو پتي راگهو راجا رام

سگريٽ جو بهشڪار ڪريو انگلنڊ کي لاچار ڪريو

١ ڀارت واسي ڀاڻ ڀلايو ملڪ مٿان نا ڪاتي واهيو

ڀارت ماتا جلد ڇڏايو ملڪ سڄو نہ اجاڙ ڪريو

٢ ملڪ تي آفت جاري آهي ڀائرڏ سو ڪڇہ هوش هلائي

وقت سمهڻ جو هرگز ناهي جوانن کي توهين تيار ڪريو

٣ جوان جڏ هين اڄ جيل وڃن ٿا ملڪ جي ڪاتر سيس ڏين ٿا

جان جگر سڀ شير ڏين ٿا تن جو هاڻ اڌار ڪريو

٤ واپار ڪند رواپاري پڌ جو سگريٽ هٿن تي هاڻ نہ رکجو

ڀارت بند سڀيئي پڇجو واپار اهيو سنگسار ڪجو

## فئشن

طرز: تنهنجو تو منجهه آهي يار جو پيو ڏيهه جا ڏونگر ڏورين

چئي پيو فئشن پينهنجو هاڻ چرخو جوڙي وڌايو مان

١ حڪم مهاتما جو اهيو آيو سوديشيءَ کي زور وڌايو

پايو پينهنجو ڪاڏيءَ هاڻ ڪيو فئشن کي پارت مان

٢ پارت شير جو گانڌي آهي وطن تو آزاد ڪرائي

مدد ڪريو تنهنکي سڀ هاڻ ڪيو فئشن کي پارت مان

٣ ديسي ڪپڙو ڏرمي آهي پائڻ سوئي ثواب

لاهيو وديشي ڪپڙو هاڻ ڪيو فئشن کي پار

## شراب

طرز: سر جو سانگو لاهي هلو وير جنگ ۾ ڪاهي

شراب خراب هڇارو مئان پيو انهيءَ کـي پارو

١ آگ اندر ۾ اهيو لڳائي آندا بڪيون سڀ جلائي

هـطـي انـدر ۾ ڏارو مئان پيو انهيءَ کي پارو

٢ آزادي جي او هين تا چاهيو ڏارين کان تو هين پاڻ بچايو

ديش اتو جـي پيارو مئان پيو انهيءَ کي پارو

٣ ڪريو پيارا هـاڻ تياري شراب چڏڻ جي آهي هيءَ واري

ڪريو ملڪ پنهنجي جو واڌارو مئان پيو انهيءَ کي پارو

# چوٿا دڪ ڀوڳيو

ولائتي گرم دوائن کان پاسو ڪريو ديسي
دوائون ڀو تيون جن جي رشين منين مهاتمائون
واڪاڻ ڪري ويا انهن کي ورتائي فائدو پرايو جي
ڀوتيون بيماريءَ جي جڙ ڪڍن تيون ڀوتين مان
حڪيم جميعتراءِ ايس. آر. کهنباتي گهتيءَ واري
هٿان ايشور جي ديا ساط سون جهونين بيمارين
وارن جنن ٿر دم. دق. تپ. اڌرنگ. بواسير
چاتيءَ توڙي ٻين بيمارين وارن شفا پاتي آهي جي
بيمار وڏن مشهور ڊاڪٽرن هٿي ۽ ولائت وارن جي
دوا ڪري ٿڪا هوا جن بيمارن شفا پائي هوشياريءَ
جا حڪيم جميعتراءِ. ايس. آر کي سرٽيفڪيٽ اخبار
هندو. هند و جاتي. سنسنر ڏنا آهن وڏي سهوليت.
دوا شرطيه ڀولي ڪري ٿو ۽ ذار سڌط ساط سڀ
ڪجهه ٻڌائي ٿو ۽ سڀ دوائون پاڻ تيار ڪري ٿو
حڪواري حڪيم جميعتراءِ. ايس. آر
کهنباتي گهتيءَ واري کي آزمايو حڪواري چٽا ٿر

ٿوري ته اُها بيماري نه ٿيندا.

## مثال لاءِ ڪي سرٽيفڪيٽ

١ــ منهنجي عورت کي گرڀ جي حالت ۾ اهڙي بدهاضمي جي شڪايت ٿي جو ڪوبه کاڌو خواهه پاڻي يا کير بلڪل اندر ڪين ٽڪي سگهيو جو ڪجهه ٿوري وقت اندر نڪري ٿي آيو. جنهنڪري بلڪل ضعيف ۽ ڪمطاقت ٿي رهي هئي. اها حالت ساڍه ٣ مهنا کن هلي. حڪيم جميعتراي ايس. آر جي علاج ڪرڻ سان پورو فائدو ٿيو.

صحيح گهنشامداس دولترام حيدرآباد سنڌ.

٢ــ منهنجي عورت ذالي هيڪرڙ پائيءَ کي ماليخوليا يعني چريائي اٽڪل ڇهن مهنن کان هئي جو مون ڇهن ڊاڪٽرن ۽ ٻين حڪيمن جي دوا ڪئي جو فائدو ڪونه ٿيو حڪيم جميعتراي. ايس. آر دوا ڪئي جنهن مان فائدو ٿيو.

صحيح ليلي پوج ليکراج برهمڻ حيدرآباد سنڌ.

٣- مان هڪ ڪيس اڏ رنگ جي گهڻن ڏينهن جي بيماريءَ جو مسٽر جميعتراءِ ايس. آر. حڪيم کي وٺي ڏنو جنهن مان پورو فائدو ٿيو.

پرسرام صوبيدار ڏاڏو فقير جو پڙ حيدرآباد سنڌ.

٤- مونکي وائي سور اٺڪل ڏيڍ مهني کان بلڪل ستايو هو جنهن ۾ مون کن مکيه ڊاڪٽرن جا علاج ڪيا هوا ۽ جن سيون وغيره هيون پر فائدو نہ ٿيو حڪيم جميعتراي. ايس. آر جي ... ڪرڻسان پورو فائدو ٿيو. عجب ڪري ڏيکاريائين.

صحيح لڇيرام ولد لعلچند ڏاسواڻي سنڌ ورڪي.

٥- مونکي لقوي جي يعني منهن جو هڪ پاسو نستو ٿي پيو. جنهن لاءِ مون حڪيم جميعتراي ايس. آر. جو علاج ڪيو پورو فائدو ٿيو.

حشمتراي نولراي زميندار صورت سنگهہ گهٽي

# هندن ۽ مسلمانن کي ولائتي ڪپڙو پائڻ پاپ آهي

بهار ساڌو سڀا جو منتري شري پرمهنس جڳديشور آنند جي لکي ٿو تہ ”ايچ نسبيرٽ ڪرٽ ٽيئري آف سائيزنگ“ (ڪتاب جو نالو آهي) انهيءَ ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ مئنچيسٽر جي ٺهيل ڪپڙي ۾ چربي لڳائي وڃي ٿي. مٿيون ڪتاب جنوري ١٩٢٢ ۾ ڇپيل آهي ۽ مئنچيسٽر امپورٽ ائنڊ ڪو ٦٥ ڪنگ سٽريٽ لنڊن انهيءَ ائڊريس تي اهو ڪتاب ملي سگهندو. ٧ صفحي کان وٺي ٩ صفحي تائين ڪپڙي تي چربي لڳائڻ جون حقيقتون لکيل آهن. ١١ ۽ ١٣ ۽ ٣٢ صفحن ۾ صاف لکيل آهي تہ ڏڳي ڳانءِ ۽ مينهن جي چربي لڳائڻ ۾ ايندي آهي. تنهن کان سواءِ ”گنوما“ (پستڪ جو نالو) انهيءَ ۾ لکيل آهي تہ ولائتي رڱيل ڪپڙي ۾ هڪ هزار رتل جي ڪپڙي جي ڪلف لڳائڻ ۾ ٣٠٠ رتل ڳانءِ ۽ سوئر جو رت لڳائڻ ۾ ايندو آهي انهيءَ ڪري ولائتي ڪپڙو اسانجي ڌرم جي ورڌ آهي ۽ مسلمان ڀائرن

جي مذهب جي پڙ برخلاف آهي تنهن ڪري انهيءَ
کي بائيڪات ڪرڻ توهانجو فرض آهي.

پر مهمس جاتي نوڪي جوي ٿو تہ ڪو بہ ماڻهو
مٿيون حقيقتون ڪوڙيون ثابت ڪندو تہ تنهنجو مان
غلام ٿيڻ لاءِ تيار آهيان.

هڪ گجراتي پيپر تان اُتاريل

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:

نوجوان مترمنڊل آفيس شاهي بزار حيدرآباد سنڌ
سرسوتي پستڪ آليہ شاهي بزار حيدرآباد سنڌ.
پڙهن وارن کي خاص رعايت ڪرڻ ۾ ايندي.

---


## اچي آزمايو . سٺو ۽ سستو ڪم

١. اسانوٽ هر ڪنهن نموني جي قانونن جي ڇپائيءَ جو ڪم ٿئي ٿو.
٢. ٽريڊڪن پيپرن ۽ هنڊبلڪن جي ڇپائي ڪرڻ ۾ اچي ٿي.
٣. هر ڀاشا جو ڪم هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪري ڏيڻ ۾ ايندو.
٤. جلد بنديءَ جو ڪم سٺو ۽ سستو ٿئي ٿو.

## سرسوتي پستڪ آليہ

نزديڪ سونارن جي گهٽي

شاهي بزار حيدرآباد سنڌ.